جبين پنهور

# ’اصحابيات‘ (اصحابياڻين) جو شاعريءَ ۾ مرثيہ نگاريءَ سان شغف


## *Abstract*

**An account of women poets of Arabic Literature**

*This paper contains an account of women-poets of Arabic literature. Five of those prominent poets have been described in detail and some other names have been given.*

*This paper is a research work, which is a good effort in the field of women-peots of Arabic poetry.*


**عربي** شاعري، عرب عوام جو عام دفتر آهي. عربي شاعريءَ ۾ مرثيہ گوئيءَ جو خاص مقام آهي. ’دور جاهليت‘ کان وٺي اسلام جي اچڻ ۽ ان جي اوج تائين نظر وجهجي ٿي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ ’جنگيون‘ عرب معاشري جو تهذيبي ۽ سماجي حصو رهيون آهن. ’قبائليت‘ ۾ غيرت ۽ بهادريءَ جا پنهنجا قدر ٿين ٿا، ۽ شاعر ’جذبات‘ کي اُڀارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ’قبائليت‘ جي جنگين ۾ ’ذاتي بدلي‘ جو تصور وڏي اهميت رکندو هو، پر اسلام اچڻ کان پوءِ جنگين ۾ ’رب جي رضا‘ ۽ ’اسلام جي سربلنديءَ‘ جو تصور نمايان نظر اچي ٿو.

عربي شاعريءَ تي نظر وجهجي ٿي تہ ’دورِ جاهليت‘ کان وٺي اسلام جي عروج تائين اسان کي شاعريءَ جي ميدان ۾ ’شاعرائن‘ جا تمام گهڻا نالا ملن ٿا، ۽ جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا نالا ملن بہ ٿا تہ اُنهن ۾ بہ اُهي شاعرائون اچي وڃن ٿيون، جن مرثيہ نگاري يا مرثيہ گوئيءَ ۾ حصو ورتو آهي.

هِن مقالي ۾ مون اهڙين شاعرائن جو ذڪر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي ’صحابيات‘ جي ذمري ۾ اچن ٿيون. اُنهن ۾ جيتوڻيڪ هڪ شاعره ’الخنساء‘ اهڙي آهي، جنهن جو ’دورِ جاهليت‘ سان واسطو آهي ۽ ’دور اسلام‘ سان بہ تعلق رکي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هُن، رسول اڪرم ﷺ جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو هو.

هيٺ اُنهن صحابيات شاعرائن جو ذڪر ڪجي ٿو:

**(1) صفيہ بنت عبدالمطلب:** بيبي صفيہ، رسول اڪرم ﷺ جي ڏاڏي حضرت عبدالمطلب جي ڌيءَ هئي، جنهن جي ماءُ جو نالو هالہ بنت وهب هو. هن آنحضرت محمد ﷺ جي والده حضرت بيبي آمنہؓ سان گڏ ٽيج پيتي هئي ۽ پاڻ سڳورن جي ڦُڦي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





هئي. حضرت حمزوؓ بہ بيبي هالہ مان پيدا ٿيو هو، ان ڪري حضرت حمزو ۽ حضرت صفيہ سڳا ڀاءُ ڀيڻ هئا. بيبي صفيہ جي شادي ابو سفيان بن حرب جي ڀاءُ حارث سان ٿي هئي، جنهن مان ڪيس هڪ پٽ بہ ٿيو. سندس مڙس مري وڃڻ کان پوءِ سندس نڪاح بيبي خديجہؓ جي ڀاءُ عوام بن خويلد سان ٿيو، جنهن مان حضرت زبيرؓ پيدا ٿيو.

رسول پاڪ جي ڦُڦين مان اهو شرف رڳو حضرت صفيہؓ کي حاصل ٿيو تہ هوءَ مسلمان ٿي. بيبي صفيہؓ 20هہ ۾ 73 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.(1)

بيبي صفيہ شاعره هئي، هن پنهنجي والد جي وفات، پنهنجي ڀاءُ حضرت حمزهؓ جي شهادت ۽ وصالِ نبويؐ وقت مرثيا چيا هئا.(2) رسول پاڪ جي وصال وقت بيبي صاحبہ جيڪو مرثيو چيو هو، اُن جا ڪجھ شعر هن ريت هئا:

”لهف نفسي وبت كالمسلوب ارقب الليل فعلة المحروب،
من هموم وحسرة ارقتني ليت انّ سقيتها بشعوب،
حين قالوا اِن ارسول قد اِمسيٰ وانقته منية المكتوب-
حين جئنا الالبيت محمد فااشاب القذال مِني مشيب،
حين ربنا بيوته موحشات ليس فيهن بعد عيش غريب.“

ترجمو: ”منهنجي دل سخت ڏکويل آهي، مون رات ائين گذاري آهي، جيئن ڪو شخص ڦاهيءَ جي مٿان گهڙيون گذاريندو آهي. پوري رات ائين انتظار ۾ گذري وئي، جيئن ڪو جنگ جي محاذ تي گذاريندو آهي. مون غمن ۽ حسرتن جي ڪري رات جاڳي گذاري آهي، جيڪر اها رات ماڻهن کي پاڻي پياريندي ئي گذري وڃي ها! جڏهن اُنهن چيو تہ رسول پاڪ جي طبعيت شام کان چڱي نہ آهي ۽ سندن وصال بابت تقدير جو لکيو پورو ٿيڻ وارو آهي تہ اسين حضور پاڪؐ جي گهر آياسون ۽ سندس گهر کي وحشت سان ڀريل ڏٺوسون تہ اسان جي دماغ کي رنج ۽ غم وڪوڙي ويو، ڇاڪاڻ تہ هاڻي زندگيءَ ۾ ڪو مزو باقي نہ رهيو هو.“(3)

**(2) اسماء بنت ابي بڪر:** حضرت ابوبڪر صديقؓ جي وڏي ڌيءَ اسماء، جنهن جو لقب ’ذات الناطقين‘ هو، هجرت کان 27 سال اڳ قتيلہ بنت عزيٰ جي بطن مان مڪي مڪرم ۾ پيدا ٿي. بيبي اسماء بنت ابي بڪرؓ جو شمار پڻ پهرين اسلام قبول ڪندڙن ۾ ٿئي ٿو. جڏهن رسول اڪرمؐ پنهنجي رفيق حضرت ابوبڪرؓ سان گڏ هجرت جي شروعات ڪئي ۽ مڪي جي ويجهو ’غار ثور‘ کي پنهنجو پهريون مسڪن بڻايو تہ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حضرت اسماءؓ رات جي وقت اُتي کاڌو پهچائڻ ويندي هئي. جڏهن رسول اڪرمؐ غار ثور مان مديني طرف ڪوچ ڪرڻ جو ارادو فرمايو ته اُن موقعي تي جڏهن کاڌي پيتي جو سامان ٻڌڻ لاءِ ڪا شيءِ نظر نه آئي ته بيبي اسماء پنهنجي چيلهه جو ’نطق‘ (پٽو) کوليو ۽ ان کي ٻه اڌ ڪري هڪ ۾ ڪاڌو ٻڌو ۽ ٻئي سان ’مشڪيزي‘ (کليءَ) جو مُنهن بند ڪيو. سيرت النبيؐ جو مصنف محمد حسين هيڪل لکي ٿو ته، هن ’نطق‘ جو ٻيو اڌ حصو پنهنجي چيلهه جي چوڌاري ٻڌو هو. بهرحال رسول پاڪ کي ايثار جو هي نمونو پسند آيو ۽ پاڻ سڳورن، حضرت اسماءؓ کي ’ذات النطاقين‘ (ٻن پٽن واري) جي خطاب سان نوازيو.

حضرت اسماءؓ جي شادي حضرت زبير بن عوام سان ٿي هئي. هجرت کان پوءِ هن پهرين قبا ۾ قيام ڪيو. پهرئين سال سندس بطن مان عبدالله بن زبير جهڙي عظيم شخصيت جنم ورتو. هيءُ پهريون ٻار هو، جيڪو ڪنهن مسلمان گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو. ان کان پوءِ بيبي اسماءؓ کي ڪيترا پٽ ۽ ڌيئرون ڄايون. آخري عمر ۾ حضرت زبيرؓ شايد سندس تيز مزاجيءَ جي ڪري کيس طلاق ڏني. حضرت اسماءؓ پنهنجي پٽ وٽ هلي وئي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين اتي رهي. بيبي اسماءَ جي زندگيءَ ۾ ئي حضرت زبيرؓ جنگ جمل کان واپس ايندي ابن جرمور هٿان ۽ حضرت عبدالله بن زبير، حجاج بن يوسف جي مقابلي ۾ شهيد ٿيو. حضرت زبيرؓ جو لاش ٽن ڏينهن تائين سوريءَ تي لٽڪيو رهيو. بيبي اسماءؓ هي منظر وڏي تحمل سان ڏٺو ۽ ڪجهه ڏينهن بعد پاڻ به وفات ڪري وئي.

بيبي اسماء وڏي خوددار، جرئتمند ۽ باهمت عورت هئي، سندس شمار جليل القدر ’صحابيات‘ ۾ ٿئي ٿو. هن حجاج بن يوسف جهڙي ظالم ۽ جابر جي دٻدٻي جي ڪڏهن به پرواهه نه ڪئي.(4)

بيبي صاحبه لاءِ روايت آهي ته هوءَ جيتوڻيڪ طلاق يافته هئي، پر پنهنجي مڙس حضرت زبيرؓ جي شهادت تي هن مرثيو چيو هو.(5)

(3) **الخنساءؓ:** مشهور اصحابڻ، خنساء سڄي عرب دنيا جي شاعرائن ۾ شعر و شاعري ۽ خاص ڪري مرثيي ۾ ممتاز ۽ بي مثال مقام رکندي هئي. عربي ادب جي تاريخ ۾ هوءَ پهرين شاعره هئي، جنهن دل ڏاريندڙ ۽ جان گداز مرثيي گوئيءَ جو بنياد وڌو ۽ ان فن ۾ مردن کي به مات ڏئي ڇڏي ۽ مرثيي جي فن ۾ سندس نالو مثالي بڻجي ويو. کيس ابن سلام الجحيءَ ’اصحابِ مراثي‘ جي اول طبقي ۾ شمار ڪيو آهي.

هن کي ڪيترن مڙسن وڇوڙي جا داغ ڏنا، سندس ٻه پيارا ڀاءُ اجل جو لقمو بڻجي





ويا، جن جي جدائيءَ ۾ روئندي سندس اکين جو نُور ئي ختم ٿي ويو. پڇاڙيءَ ۾ سندس زندگيءَ جي آخري موڙي، سندس ڦٽيل دل جا چار ٽڪرا، ٻڍاپڻ جو سهارو، چار سهڻا ۽ سگهارا جوان پُٽ ’قادسيه‘ جي جنگ جو کاڄ ٿي ويا. سندس اکين جو نُور اڳيئي ختم هو، مٿان وري اسلامي تعليم موجب مرثيه گوئيءَ کان ممانعت باعث ان دل ڏاريندڙ صدمي تي سندس اندر مان جيڪا آهه نڪتي، ان ۾ به صبر ۽ شڪر جو اظهار هو:

”الحمد الله الذي شرفنّي بقتلهم.“

(خدا جو شڪر آهي، جنهن کين شهادت ڏئي مون کي سرخرو ڪيو!“

خَنساءَ جو اصل نالو تماضره هو ۽ خَنساء سندس لقب هو. تماضره خَنساء جو واسطو عرب جي مشهور قبيلي مضر سان هو. تماضره عمرو بن حارث جي ڌيءَ هئي، سندس پيءُ خاندان جو سردار هو. اهڙيءَ ريت تماضره خنساء هڪ معزز خاندان، هڪ سردار پيءُ جي پيار ۽ ٻن وڏن ڀائرن جي شفقت هيٺ پرورش حاصل ڪئي ۽ هڪ خوددار، باوقار شخصيت طور اُڀري. خنساءَ جا ٻه ڀائر معاويو ۽ صخر ڏاڍا خوبرو ۽ بهادر هئا. هڪ قبيلائي ويڙهاند ۾ سندس سڳو ڀاءُ معاويو مرۃ قبيلي جي ٻن نوجوانن هاشم ۽ زيد هٿان قتل ٿي ويو. سندس ويڳي ڀاءُ صخر ۾ سموري قبيلي جون اميدون هيون ته هو ضرور پلاند ڪري قبيلي جو ڳاٽ اوچو ڪندو ۽ اڳتي هلي ٿيو به ائين. صخر، مرۃ قبيلي جا چار نوجوان قتل ڪري پلاند ورتو ۽ خَنساء ۽ خاندان جي دلين تي ٺڏو ڇنڊو وڌو، پر قضا الاهي، هڪ ويڙهاند دوران اشعر قبيلي جي هڪ شخص ابوثور الاسديءَ جي نيزي جي اٽيءَ جو شڪار ٿي، صخر گهايل ٿيو ۽ ٽن ورهين تائين اُن گهاءَ ۾ چُڙي مري ويو. خنساءَ جو هن ڀاءُ سان حد کان وڌيڪ لڳاءُ هو، سندس دل کي اهڙو گهرو گهاءُ رسيو، جنهن مان سڄي عمر رت وهندو رهيو. سندس نگاهن آڏو اوندهه ڇانئجي وئي، هن ڀائرن جي غم ۾ مرثيا لکي ماڻهن کي تڙپائي وڌو.

خنساء علم، فضل ۽ حسن جو پيڪر هئي، جنهن پهرئين شخص کيس شاديءَ جو پيغام ڏنو، اهو ’ايام جاهليت‘ جو مشهور شاعر دُريد بن الصمد هو. هو وڏو مالدار هو، پر پيرسن هو ۽ خنساء جو ڪنهن به ريت جوڙ نه هو. خنساء ان پيغام کي ٺڏي ڇڏيو ۽ پنهنجي ئي خاندان جي هڪ نوجوان رواحه عبدالعزيز السلميءَ سان شادي ڪيائين. هڪ ٻار کان پوءِ رواحه گذاري ويو. اُن کان پوءِ خَنساء ٻي شادي عبدالعزيٰ سان ڪئي. هي هٺ ڦاڙ ۽ ناعاقبت انديش شخص هو. سڄي دولت شراب ۽ شباب جي محفلن ۾ وڃائي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڇڏيائين ۽ نتيجي طور جڏهن فاقن تي نوبت اچي پهتي ته خنساء جي ڀاءُ صخر ڏکئي وقت ۾ سنڌس دل کولي مدد ڪئي. هن مڙس جي وفات کان پوءِ خنساء ٻين شادي پنهنجي خاندان جي هڪ شخص مرداس بن ابي عامر السلمي سان ڪئي. هيءَ شادي به ڪيس راس نه آئي. ٽن پٽن: زيد، معاويه ۽ عمر جي پيدائش کان پوءِ سنڌس هي ٻيون مڙس به وفات ڪري ويو. چون ٿا ته خنساء چوٿين شادي به ڪئي، پر ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن مڙس به ڪيس جدائيءَ جو داغ ڏنو. گهرو واقعن ۽ مڙسن جي وڇوڙن، خنساء جون سموريون خوشيون ڦري ورتيون ۽ صرف لڙڪ هئا، جيڪي هن جي زندگيءَ جا ساٿي رهيا.

خنساء جا پنهنجي پياري ڀاءُ صخر تي لکيل مرثيا پٿر دلين کي به ميڻ ڪري وجهن ٿا. حنا الفاطوريءَ لکيو آهي ته خنساء جو پهريون شعري تجربو موت جي تجربي جو پڙاڏو آهي.(6)

ڀائرن جي شهادت واري واقعي سان خنساء جي غم جي ابتدا ٿي، گڏوگڏ سنڌس عظيم مرثيه گوئيءَ واري شاعريءَ جي شروعات ٿي ۽ سنڌس اندر ۾ 'روحِ شاعر' (Muse) جنم ورتو. ڪيس 'مرثي العرب' جو خطاب مليل هو.

الخنساء پنهنجي ننڍي ڀاءُ معاويه جي قتل تي هڪ مرثيي جي شروعات ۾ پنهنجي 'پرنم اکين' جي باري ۾ سوال ڪري ٿي:

"الا مالعيني، الا مالَها،
وقد افضل الدمع سربالها."

ترجمو: "هي منهنجيءَ اک کي ڇا ٿي ويو آهي؟
ڇا ٿي ويو آهي منهنجي اک کي جو اُن جو
دامن ڳوڙهن سان ڀِڄي ويو آهي."

پنهنجي ڀاءُ جي غم ۾ سنڌس پنهنجي دل جي دنيا جي مضطرب ۽ هيجاني ڪيفيت جڏهن ٻاهرين عنصرن ۾ منعڪس ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته چوي ٿي:

"فخر الشوامخ من قتله
وزلزلت الارض زلزالها"

ترجمو: "هُن (معاويه) جي قتل تي ائين لڳي ٿو ته جڻ جبل اونڌا ڪري پيا آهن ۽ زمين تي زلزلو اچي ويو آهي."

پر جڏهن واقعي کان ٽي سال پوءِ سنڌس وڏي ۽ پياري ڀاءُ صخر کي به قتل ڪيو





ويو ته خنساء تي ڏک جا پهاڙ ڪري پيا ۽ سنڌس اکين مان ڳوڙها ڳڻ شروع ٿيا ته سڄي عمر بس نه ٿيا. صخر بابت چيل مرثيي جي ابتدا هن ريت ٿئي ٿي:

"يذڪرني طلوع الشمس صخراً
واذڪره لِڪُلّ غروب شمس."

ترجمو: "مون کي هر سج جو اڀرڻ صخر جي ياد ڏياري ٿو ۽ هر سج لٿي مهل آءٌ ڪيس ياد ڪريان ٿي." هيٺيان بند به صخر بابت مرثيي جا آهن:

"اعيني جواداً ولا تجمدا
الا تبڪيان لصخر النديٰ
الاتبڪيان الجريء الجميل
الا تبڪيان الفتيٰ السيدا
النجاد عظيم الرماد
ساد عشيرته امردا."

ترجمو: "منهنجون اکيون سخاوت جو مظاهرو ڪيو ۽ روئڻ بند نه ڪريو! ڇا توهان عظيم صخر جي شهادت تي نه ٿيون روئو! ڇا توهان ان بهادر، سهڻي جوان، سردار تي نه ٿيون روئو؟ جيڪو سخي به هو، وڏين ڪارين اکين وارو هو، پنهنجي ڪٽنب جو سردار ۽ سهڻو جوان هو!"

مرثيي جي آخري شعرن ۾ خنساء پنهنجي ڀاءُ جي جدائيءَ تي رڙندي چوي ٿي:

"فلا والله لا انساک حيّ
افارق نهجتي وبشق رمسي
فقد ودعت يوم فراق صخر
اني حسّان لذتي واُنسي
فيا لهتي عليه ولهف امي
اَيصُبح في الصريح و فيمن تمسي."

ترجمو: "خُدا جو قسم! جيستائين جسم ۾ جان آهي ۽ جيستائين منهنجي قبر نه ٿي کوٽي وڃي، آءٌ تنهنجي ياد کان غافل نه رهنديس. مون صخر جي وڇوڙي واري ڏينهن کان زندگيءَ جون سموريون لذتون ۽ دلچسپيون وساري ڇڏيون آهن. هاءِ افسوس! منهنجي ڀاءُ تي هاءِ افسوس! ڇا اُن جو صبح به ۽ شام به هاڻي قبر جي انڌيري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

غار ۾ گذرندو!“[7]

جڏهن اسلام جو ظهور ٿيو ته هوءَ انين هجريءَ ۾ پنهنجي سلمي قبيلي جي وفد سان گڏ رسول اڪرمﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿي مسلمان ٿي ۽ پوءِ سندس ڪايا پلٽجي وئي. اها خنساء جيڪا ڀائرن جي غم ۾ روئندي رڙندي وتندي هئي، سا صبر ۽ شڪر جو هڪ اهڙو پيڪر بڻجي وئي، جو غم ۽ الم جا جبل به ڪيس لوڏي نه سگهيا. جنگ قادسيه، جيڪا سعد بن ابي وقاص جي اڳواڻيءَ ۾ 15ھ ۾ ٿي، ان ۾ هن چارئي جگر گوشا اهو چئي روانا ڪيا، ”ڏسجو متان ميدان ڪارزار مان پُٺي ڏئي ڀڄو!“ ۽ اهي جنگ ۾ وڏيءَ بي جگريءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويا. خنساء کي ڄاڻ مليو، ته سندس اکين آڏو اوندهه ڇانئجي وئي ۽ هن تاريخي شعر چيو:

”الحمد الله الذي شرّ في يقتلهم.“

نقادن جو رايو آهي ته، دور جاهليه جي عورت شاعرائن ۾ خنساء کان وڏي ڪا شاعره نه هئي ۽ نه پوءِ پيدا ٿي. حضور پاڪ، جن ٿورن شاعرن جي ساراهه ڪئي آهي، تن ۾ خنساء جو نالو مٿانهون آهي. رسول پاڪ جن خنساء کي ”هِيُہ يا خناس“ ”ها ڀائي خنسا ڪجهه شعر ٻڌاءِ“ چئي مخاطب ٿيندو هو.

خنساء وڏي ڄمار ماڻي ۽ چون ٿا ته سندس وفات حضرت عثمانؓ جي ابتدائي دور خلافت 24ھ/ 45-644ع ۾ ٿي. هڪ روايت آهي ته امير معاويي جي دور ۾ 42ھ مطابق 663ع ۾ سندس وفات باديه ۾ ٿي. سندس لاءِ عربي ادب جي عالمن جو متفقه رايو آهي ته، عورتن ۾ بيبي خنساءؓ کان اڳ ۽ ڪانئس پوءِ ڪا وڏي شاعره پيدا نه ٿي آهي.[8]

**(4) بيبي عائشهؓ:** حضرت بيبي عائشه حضرت ابوبڪر صديقؓ جي نياڻي هئي، سندس لقب صديقه هو ۽ پاڻ حضور سڳورن جي لاڏلي شريڪ حيات هئي.

حضرت عائشهؓ جي ولادت نبوت کان پنج سال ۽ هجرت کان نو (9) سال اڳ، جولاءِ 614ع ۾ مڪي مڪرمه ۾ ٿي. حضور جن سندس ڪنيت سندس ڀاڻيجي عبدالله بن زبير جي نالي تي ام عبدالله رکي هئي. سندس ماءُ جو نالو ام اومانؓ هو.

رسول پاڪ جن سان سندس نڪاح جو تحرڪ حضرت عثمان بن مطعون جي زال شوله بنت ڪليم ورتو هو. حضرت بيبي خديجهؓ جهڙي غمگسار شريڪ حيات جي وفات کان پوءِ پاڻ سڳورا اڪثر ملول ۽ غمگين رهندا هئا، جنهن ڪري سندن اصحابي





فڪرمند رهندا هئا. ڪجهه عرصي کان پوءِ حضرت شولهؓ پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته پاڻ ٻيو نڪاح ڪن. ان ڏس ۾ سوده بنت رمعهؓ، (جيڪا اندازاً 32 ساله خاتون هئي ۽ حبش جي مهاجرن ۾ شامل هئي ۽ جنهن جو مڙس سڪران بن عمرو مڪي کان واپسيءَ تي گذاري ويو هو)، ۽ عائشه بنت ابي بڪر جا نالا پيش ڪيا ويا. پاڻ پوئين تجويز سان سهمت ٿيا. ان کان اڳ عائشهؓ جبير بن مطعم جي نالي هئي، جنهن جو خاندان اڃا مسلمان نه ٿيو هو.

بيبي عائشهؓ جو پاڻ سڳورن سان نڪاح نبوت جي ڏهين سال ٿيو ۽ رخصتي هجرت کان ڪجهه مهينا پوءِ يعني شوال 1ھ مطابق اپريل 623ع ۾ مديني منوره ۾ نهايت سادگيءَ سان ٿي.

مديني منوره ۾ رخصتيءَ کان پوءِ حضرت عائشهؓ مسجد نبويءَ جي آسپاس ٺهيل حجرن مان هڪ ۾ قيام ڪيو. اهي ئي حجرا ازواج مطهرات جا مستقل گهر هئا. حضرت عائشهؓ سڄي عمر مسجد نبويءَ جي ان حجري ۾ رهي.

حضرت ابوبڪر جو گهراڻو سڀ کان اڳ اسلام جي نور سان منور ٿيو هو، ان ڪري حضرت عائشهؓ مسلمان ماءُ پيءُ جي گهر ۾ اکيون کوليون ۽ سندس پالنا ان ماحول ۾ ٿي. بيبي صاحبه، رسول پاڪ جي محبوب ترين شريڪ حيات هئي. بيبي صاحبه تفسير قرآن، علم حديث، فقه ۽ قياس، علم اسرار دين، اسلامي تاريخ ۽ خاص ڪري عورتن بابت ديني مسئلن تي عبور رکندي هئي. سندن وفات 17 رمضان المبارڪ 58ھ مطابق 13 جولاءِ 678ھ ۾ ٿي. وصيت مطابق کين مديني جي قبرستان جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو. هوءَ نيڪي، زهد، فياضي، قناعت، عبادت گذاري ۽ انساني همدرديءَ جهڙين اعليٰ انساني وصفن سان آراسته هئي. اصحابيات ۾ عمل ۽ فضل جي اعتبار کان اعليٰ شخصيت جي مالڪ هئي. سندس ڳڻپ ڪثير الروايات اصحابيات ۾ ٿئي ٿي.[9] بيبي صاحبه کي شعر و سخن سان دلچسپي هئي ۽ موقعي مناسبت سان شعر به چوندي هئي. سندس فصاحت مشهور هئي. حضرت عروه بن زبيرؓ کان روايت آهي ته بيبي عائشه صديقه کي طب ۽ شاعريءَ تي دسترس حاصل هئي.[10]

**(5) اسماء بن عميسؓ:** بيبي اسماء بن عميسؓ جو ڪنانه قبيلي سان واسطو هو، ۽ سندس ڳڻپ پڻ سڀ کان پهرين اسلام قبول ڪندڙن ۾ ٿئي ٿي. حضرت علي ڪرم الله وجهه جي ڀاءُ حضرت جعفر طيارؓ جي نڪاح ۾ آئي. حبش جي هجرت ۾ به شريڪ ٿي ۽

ڪيترن ورهين تائين اُتي رهي. خيبر جي فتح کان پوءِ مڪي آئي. 8 هجري ۾ حضرت جعفر طيارؓ 'جنگ موتہ' ۾ شهادت ماڻي تہ ان جي ڇهن مهينن کان پوءِ پاڻ حضرت ابوبڪر صديقؓ جي نڪاح ۾ آئي.(11)

بيبي صاحبہ شاعره هئي، جڏهن حضرت جعفر طيارؓ 'جنگ موتہ' ۾ شهيد ٿيو تہ بيبي اسماءؓ سندس شهادت تي هيٺيون مرثيو چيو:

"يا جعفر الطيار خير مصرف
للخيل يوم تطا عن و شياح
قد كانت لي جبلا الوذ بظلهٖ
فتركتني امشي باجرد ضاع
قد كانت ذات حميت ما عشت لي
امشي البراز وانت كنت جناحي
واِذا دعت قمرية شبهنالها
يوماً علي فنن بكيت صباحي
فااليوم اخشع الذليل واتقيٰ
منهٖ وادفع ظالمي بالراح."

ترجمو: "اي جعفر! ميدان جنگ ۾ نيزن ۽ تلوارن جي ڇانو ۾
بهترين گهوڙيسوار مجاهد!
تون منهنجي لاءِ هڪ جبل هئين،
جنهن جي ڇانو ۾ پناهہ وٺندي هيس.
پوءِ تون مون کي بي سهارو ڇڏي وئين،
جيستائين تون زنده هئين، منهنجي زندگي
حميت ۽ احترام سان گذرندي هئي.
آءٌ وسيع فضا ۾ اُڏامندي هيس ۽ تون مون لاءِ پرن جي حيثيت رکندو هئين.

جڏهن هڪ صبح جو قمري پکي وڻ جي ٽاريءَ تي ويهي دردناڪ انداز ۾ ڪوڪڻ لڳو، مون روئڻ شروع ڪيو!

پوءِ اڄ مان ذليل جي اڳيان عاجزي ڪري رهي آهيان،

ان کان ڊڄي رهي آهيان ۽ پنهنجي 'ظالميءَ' کي نرميءَ سان دفع ڪري رهي





آهيان."(12)

اهڙيءَ طرح بيبي شيما بنت حارثؓ، بيبي اُمّ ايمنؓ، بيبي سعديؓ، بيبي اُمّ هند بنت اثاثہ، بيبي اُمّ زياد، بيبي عاتڪہ، بيبي ميمونہؓ ۽ بيبي رقيہؓ لاءِ بہ چيو وڃي ٿو تہ اُهي شاعرائون هيون. بيبي اُم ابان لاءِ بہ مشهور آهي تہ هن 'جنگ اجنادين' ۾ پنهنجي مڙس جي شهادت جي غم ۾ شعر چيا هئا.

عربي شاعريءَ جا سنڌي زبان تي مختصر اثر پيا آهن، البت عرب شاعرن اصحاب ڪرام ۽ اصحابيت جي زندگيءَ جو سنڌي معاشرت تي ضرور اثر پيو آهي، خاص ڪري حضرت بيبي عائشہؓ ۽ جنگ جمل جي حوالي سان سنڌي ادبيات ۽ اسلامي ڪتابن ۾ ذڪر ملي ٿو. جنگ جمل ۽ بيبي عائشہ بابت انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ ذڪر موجود آهي.(13)

## حوالا


1. شاهڪار اسلامي انسائيڪلوپيڊيا، الفيصل، اردو بازار، لاهور، ص: 1063.
2. صديقي، صادق حسين، محمد، مولانا: 'بهادر خواتين اسلام (صحابيات)'، جهانگير بڪ ڊپو، نولڪا، لاهور، ص: 109.
3. غضنفر ،محمود احمد ، 'صحابيات مبشرات' ،مدرسہ قدوسيہ، رحمان مارڪيٽ، غني اسٽريٽ، اردو بازار، لاهور، 1399هہ، ص: 13 ۽ 16.
4. شاهڪار اسلامي انسائيڪلوپيڊيا، الفيصل، اردو بازار، لاهور، ص: 212.
5. غضنفر ، محمود احمد ، 'صحابيات مبشرات'، ص: 34
6. الجديد في الادب العربي، جلد 5، ص: 494
7. ڪاظم، محمد، عربي ادب مين مطالعي.
8. عبدالغفور،مفتي، استادو رفيق دارالافتاء، 'عورت ڪي اسلامي زندگي' ، مڪتبہ دارالقدم، ليبر اسڪوائر، نزد جامعہ بنوريہ، سائيٽ ڪراچي، 2006ع
9. شاهڪار اسلامي انسائيڪلوپيڊيا، الفيصل، اردو بازار، لاهور، ص: 94-1093
10. احمد بن علي بن حجر بن ابوالفضل الحافظ ابن العسقلاني- الاصابہ داراجيل، بيروت، 1992ع، ص: 613-616
11. شاهڪار اسلامي انسائيڪلوپيڊيا، الفيصل، اردو بازار، لاهور، ص: 13-212
12. عبدالغفور مفتي استادو رفيق دارالافتاء، 'عورت ڪي اسلامي زندگي' ،مڪتبہ دارالقدم، ليبر اسڪوائر نزد جامعہ بنوريہ، سائيٽ ڪراچي، 2006ع، ص: 13
13. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد 3، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2011ع، ص: 553.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair